دعوت اسلامي جي ديني خدمتن ۾ مُسلسل جدوجهد جا 43 سال مڪمل ٿيڻ تي خصوصي رسالو پنار

# فيضان دعوتِ اسلامي



پيشڪش ماهوار فيضان مدينہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **فيضانِ دعوتِ اسلامي**

ڇاپو پهريون: صفرالمظفر 1446ھ، سيپٽمبر 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدنی التجا: کنهن کی بہ هی ڪتاب ڇاپڻ جی اجازت ناهی

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# فيضانِ دعوت اسلامي

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# فيضانِ دعوت اسلامي

## دعوتِ اسلامي جو عقيدهءِ ختمِ نبوت جي آگاهي ۽ تحفظ ۾ ڪردار

### اَويس يامين عطاري

هي مُسلمہ عقيدو ۽ ايمان آهي تہ اسان جا پيارا رسول حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جا آخري نبي آهن، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ يا پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بعد قيامت تائين ڪو نئون نبي نہ ايندو. مسلمان هن عقيدي کي "عقيدهءِ ختمِ نبوت" چوندا آهن، هن عقيدي جي پرچار ۽ تحفظ جي لاءِ صحابهءِ ڪرام، تابعينِ عظام، مُفسرن محدثن، بزرگانِ دين، عُلماءِ ڪاملين ۽ مُبلغن پنهنجون پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڏيندا رهندا.

الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي بہ مختلف انداز سان مثال طور بيانات، فتاويٰ جات، تحريرات، درس ۽ تدريس، مدني چينل پروگرامز، سوشل ميڊيا، ڪورسز ۽ نظم جي صورت ۾"عقيدهءِ ختمِ نبوت" جي آگاهي ۽ تحفظ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي. اچو! ان جون مختلف جهلڪيون ملاحظ ڪيون ٿا:

**بيانات و مذاڪرات ۽ گفتگو:** دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتنڀري اجتماع وغيره ۾"ختمِ نبوت" تي بيان ڪيا ويندا آهن، پڻ

شيخِ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ "مدني مذاڪرن" ۾ مختلف موضوعن تي ٿيڻ وارن سوال جواب سان گڏوگڏ "ختمِ نبوت" جي باري ۾ ٿيڻ وارن سوالن جا جوابَ عشق ۽ محبت ڀري انداز ۾ ڏئي ڪري "عقيدهءِ ختمِ نبوت" جو تحفظ فرمائيندا آهن، هڪ مدني مذاڪري ۾ جڏهن اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ قاديانين جي باري ۾ هڪ سوال جو جواب ڏنو تہ ان کان متاثر ٿي ڪري هڪ قادياني پنهنجي باطل عقيدي کان توبهہ ڪري اسلام قبول ڪري ورتو. ۽ گفتگو جي دوران بہ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪرِ خير ڪيو ويندو آهي يا ڪو فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيان ڪيو ويندو آهي تہ ان وقت بہ الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ يا فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وغيره چوڻ جو اهتمام ڪيو ويندو آهي.

**فتاويٰ جات:** دارُ الاِفتاء اهلسنت (دعوتِ اسلامي) تحريري طور، زباني، فون ڪالز، اي ميل، واٽس اَپ ۽ ٻين ذريعن سان مسلمانن جي شرعي رهنمائي ۾ مصروفِ عمل آهي، دارُالاِفتاء اهلسنت جا مفتيانِ ڪرام بہ عقيدهءِ ختمِ نبوت سان تعلق رکندڙ سوالن جهڙوڪ "قادياني ڪير آهي؟"، "قاديانين سان تعلقات رکڻ جو حڪم؟"، "قادياني سان ملي ڪري ڪاروبار ڪرڻ ڪيئن؟"، ۽ "قاديانيءَ کان علاج ڪرائڻ ڪيئن آهي؟" جي باري ۾ فتاويٰ جات ڏئي ڪري عقيدهءِ ختمِ نبوت کان آگاهي ۽ ان عقيدي جي تحفظ ۾ ڪوششون ڪري رهيا آهن.

**تحرير:** الحمد لله عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي تحريري طور تي بہ عقيدهءِ ختمِ نبوت کان آگاهي ۽ تحفظ فراهم ڪري رهي آهي، شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برکاتهم العالية ختمِ نبوت جي موضوع تي 44 صفحن جو رسالو سيني ڪان آخري نبي صلّى الله عليه واله وسلّم " تحرير فرمايو، جنهن ۾ امير اهلسنت رسولِ ڪريم صلّى الله عليه واله وسلّم جي آخري نبي هجڻ تي قرآنِ ڪريم جي آيت ۽ تفسير، ڪيئي حديثون ۽ انهن جي شرح مان دلائل، صحابہ ۽ تابعين جا ارشادات ۽ عُلماءِ ڪاملين جا بيان ڪيل واضح جزئيا بيان فرمايا آهن، اهڙي طرح "ماهوار فيضانِ مدينہ" جي مختلف شمارن ۾ بہ عقيدهءِ ختمِ نبوت جي باري ۾ متعدد مضمون مثلاً "نبوت جي عمارت جي آخري سِرَ، خاتمُ النبيين جي معنيٰ تفسيرن جي روشني ۾، شانِ ختمِ نبوت، ختمِ دورِ رسالت تي لکين سلام، ختمِ نبوت حديثن جي روشني ۾، آخري نبي ۽ آخري اُمّت، عقيدهءِ ختمِ نبوت ۽ صحابہءِ ڪرام جو ڪردار، تحفظِ عقيدهءِ ختمِ نبوت ۾ عُلماء جو ڪردار، ڳوھ جي گواهي، مرزائي، احمدي ۽ قادياني ۾ ڇا فرق آهي؟، قاديانين جي چالاڪي" تحرير ڪري عقيدهءِ ختمِ نبوت جي پهريداري ۽ ان جو تحفظ ڪيو ويندو رهيو آهي.

عاشقانِ رسول 7 سيپٽمبر کي "يومِ تحفظِ عقيدهءِ ختمِ نبوت" جي طور تي ملهائيندا آهن، اصل ۾ 7 سيپٽمبر 1974ء تي عُلماءِ حق اهلسنت جي ڪيئي سالن جي لڳاتار محنتن ۽ عاشقانِ رسول جي هزارين قربانين کان بعد پاڪستان ۾ آئيني ۽ قانوني

طور تي قاديانين کي ڪافر قرار ڏنو ويو، جيئن تہ قادياني دينِ اسلام ۽ آئينِ پاڪستان ٻنهي جي مطابق ڪافر آهن ۽ ڪين ڪنهن بہ اسلامي علامت کي بطورِ دين استعمال ڪرڻ جي اجازت ناهي.
سيپٽمبر 2024ء ۾ ان عظيمُ الشان فتح کي 50 سال مڪمل ٿي رهيا آهن، ان سنهري موقعي تي بہ ”ماهوار فيضانِ مدينہ“ جي طرف کان خصوصي شمارو بنام ”سيرتِ خاتمُ النبيين صلّى الله عليه واٰله وسلّم “ شايع ڪيو پيو وڃي.
**درس و تدريس:** دعوتِ اسلامي جي تحت هلڻ وارن مدرسةُ المدينہ، دارُ المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ ۾ بہ شاگرد ۽ شاگردياڻين کي استادَ نبي ڪريم صلّى الله عليه واٰله وسلّم جي آخري نبي هجڻ جي باري ۾ مُختلف انداز سان ٻڌائيندا ۽ پڙهائيندا آهن. ننڍن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي سوال جواب جي صورت ۾ حضورِ اڪرم صلّى الله عليه واٰله وسلّم جو آخري نبي هجڻ ياد ڪرائيندا آهن جڏهن تہ جامعةُ المدينہ ۾ طلبا ۽ طالبات کي عقائد جي موضوع تي پڙهايا ويندڙ ڪتابن ۾ ختمِ نبوت جي باري ۾ عقائد دلائل سان بہ پڙهائيندا آهن.
**مدني چينل و ڪِڊز مدني چينل:** الحمدللّٰه دعوتِ اسلامي جي تحت هلڻ واري دنيا جي واحد سئو فيصد اسلامي چينل ”مدني چينل“ جي ذريعي بہ عقيدهٔ ختمِ نبوت کان آگاهي ۽ ان عقيدي جي تحفظ جي لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. مدني چينل تي ختمِ نبوت جي متعلق مختلف پروگرامز جو اهتمام ڪيو ويندو آهي جن ۾ مفتيانِ ڪرام، عُلماءِ ڪرام ۽ مُبلغينِ دعوتِ اسلامي عقيدهٔ ختمِ نبوت کي بيان ڪندا آهن، ”ڪِڊز مدني چينل“ جي ذريعي بہ

مختلف انداز سان مثلاً بيان، سوال جواب ۽ ڪارٽونز وغيره جي ذريعي پاڻ سڳورن صلَّی اللہ علیہٖ والہٖ وسلَّم جي خاتمُ النبيين هجڻ ڪي بيان ڪيو ويندو آهي.

**سوشل ميڊيا** (دعوتِ اسلامي): دعوتِ اسلامي هن دور جي تقاضن جي مطابق سوشل ميڊيا اڪائونٽس مثلاً يوٽيوب، فيس بڪ، واٽس اپ گروپس، ٽوئيٽر ۽ انسٽاگرام وغيره تي بہ شارٽ ڪلپس ۽ پوسٽن وغيره کي وائرل ڪري عقيدهءِ ختمِ نبوت ڪان آگاهي ۽ ان عقيدي جي تحفظ جي لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي، پڻ دعوتِ اسلامي جي ويب نيوز ”دعوتِ اسلامي جا شبّ و روز“ بہ نبي پاڪ صلَّی اللہ علیہٖ والہٖ وسلَّم جي آخري نبي هجڻ جي متعلق 40 حديثن جو مجموعو بنام ”اربعينِ ختمِ نبوت“ (ويب ايڊيشن) جاري ڪيو آهي.

**ڪورسز:** عقيدهءِ ختمِ نبوت جي آگاهي ۽ ان عقيدي جي تحفظ جي لاءِ فيضان آن لائن اڪيڊمي (دعوتِ اسلامي) جي تحت اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي ”ختمِ نبوت ڪورس“ ڪرايو پيو وڃي.

نظم: شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برکاتھم العالیہ ختمِ نبوت جي حوالي سان هڪ ڪلام ”میٹھے مدینے میں بُلا، اے آخری نبی“ منظوم فرمايو آهي ۽ ”ختمِ نبوت جي متعلق 18 نعرا“ بہ مرتب فرمايا آهن.

سب سے آخری نبی — محمدِ مصطفٰے
سب سے آخری نبی — احمدِ مجتبٰے

پڙهندڙ حضرات: اوهان بہ عقيدهءِ ختمِ نبوت کان آگاهي ۽ عقيدي جي تحفظ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿي ڪري پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪريو. اللّٰه پاڪ اسان کي عقيدهءِ ختمِ نبوت جي حفاظت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بعد آپ کے ہر گز نہ آئے گا نبی نیا

وَاللہ! اِیماں ہے مرا، اے آخری نبی

## معاشري جي اصلاح ۾ اميرِ اهلسنت جي سوچ

### مولانا طاهر عطاري مدني

عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم ”دعوتِ اسلامي“ جو جڏهن آغاز ٿيو تہ سڀ کان پهريان جيڪو ديني ڪم شروع ٿيو اهو جمعرات جو ٿيڻ وارو هفتيوار ”سنتن ڀريو اجتماع“ هو. هن اجتماع جو وقت ”مغرب کان بعد“ رکيو ويو تہ بانيءِ دعوتِ اسلامي، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي خدمت ۾ ڪنهن عرض ڪيو: جمعرات Working Day آهي، عام طور تي محفلون ۽ جلسا وغيره رات دير سان شروع ٿيندا آهن تنهنڪري اجتماع جو وقت بہ رات دير سان ٿيڻ گهرجي تہ جيئن ماڻهو ڪمَ ڪار کان فارغ ٿي ڪري آساني سان اچي سگهن. دل ۾ ”سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح“ جو عظيم جذبو رکندي مردِ قلندر امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جواب ۾ صرف بہ جملا فرمايا جيڪي هڪ بهترين قائد ۽ ليڊر ئي

چئي سگهي ٿو. پاڻ فرمايائون: ”مونکي ماڻهن جي سوچ تبديل ڪرڻي آهي، مرد اهو ناهي جيڪو معاشري جي پنيان هلي بلڪ مرد اهو آهي جنهن جي پنيان معاشرو هلي.“ (ان جو مقصد هي به هو ته ماڻهو هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ جلدي ايندا ته جلدي سمهڻ جي سبب اهم ترين فرض ”نمازِ فجر“ باجماعت ادا ڪري سگهندا.)

ڪنهن چا ته خوب چيو آهي:

ارادے جن کے پختہ ہوں نظر جن کی خدا پر ہو

تلاطم خیز موجوں سے وہ گھبرایا نہیں کرتے

الحمد لله امت جي طبيب، امير اهلسنت دامت برکاتهم العالية معاشري مان ڪيئي برائين کي ختم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ڪاميابي جي حد تائين ادا ڪيو آهي.

يقيناً قوم ۽ ملت جو اهم ترين سرمايو معمارِ قوم ”نوجوان“ آهن. دعوتِ اسلاميءَ لکين نوجوان مرد ۽ عورتن جون زندگيون تبديل ڪري ڇڏيون آهن. ديني معاشرتي ۽ اخلاقي بُرائين مان ڪڍي ڪري انهن کي راهِ قرآن ۽ سنت تي هلڻ جو ذهن ڏنو بلڪ هلائي ڏيکاريو آهي. معاشري ۾ هن طبقي جي سؤ فيصد اصلاح معاشري جي ديني، مُلڪي ۽ سماجي ترقي جو ذريعو آهي. امير اهلسنت دامت برکاتهم العالية نوجوانن کي سنتن ڀريو ديني ماحول فراهم ڪيو ته معاشري جو بگڙيل فيشن ايبل، گناهن جي ڪاهيءَ ۾ ڦاٿل ۽ ڪيئي ڏوهن ۾ ملوث نوجوان سنتن جي هلندڙ ڦرندڙ تصوير بڻجي ويو.

چيو وڃي ٿو تہ جيڪڏھن عورت جي اصلاح ٿي وڃي تہ نسلن جي اصلاح ٿي ويندي آھي ڇو جو اھا ئي عورت صبحاڻي معاشري ۾ ماءُ بڻجندي، سنت جي راھ تي ھلڻ واري ماءُ جي جھوليءَ ۾ پلجڻ وارو اولاد پنھنجي والدين جي بخشش جو ذريعو بڻجڻ سان گڏوگڏ پوڙھائپ جو سھارو پڻ بڻجندو. الحمد للہ امير اھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه صرف مردن نہ بلڪ عورتن جي اصلاح جي لاءِ بہ اھتمام فرمايو ۽ پياري ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ذريعي عورتن جي اصلاح ۽ ديني تربيت جا ڪيئي موقعا عطا فرمايا، اسلامي ڀينرن جو ھفتيوار سنتن ڀريو اجتماع، مدرسۃُ المدينہ بالغات، ماھوار خواتين (ويب ايڊيشن) وغيره عورتن جي اصلاح جون ئي مختلف صورتون آھن.

ٻارن جي تربيت ۽ قرآني تعليم جي لاءِ ”مدرسۃُ المدينہ“ (بوائز اينڊگرلز) قائم آھن. ديني دنياوي تعليم جو اھم ادارو دارُ المدينہ ۽ فيضان اسلامڪ اسڪولز جي صورت ۾ آھي. گھر ۾ رھندي ٻارن جي اصلاح جي لاءِ ”ڪِڊز مدني چينل“ لانچ ڪيو ويو جنھن ۾ مختلف ڪريڪٽرز جي ذريعي Animated ڪارٽونز ڏيکاري ڪري ٻارن جي درست رھنمائي ڪئي ويندي آھي.

امير اھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ھيءَ خوبصورت سوچ ڏني آھي تہ معذور ماڻھن کي گونگو، ٻوڙو، انڌو، منڊو، ٽونڊو چوڻ جي بدران خوبصورت ۽ حوصلو ڏيندڙ لفظ ”اسپيشل پرسن“ چيو وڃي. معاشري جو حصو ھجڻ جي باوجود معاشري جي ھمدردي ۽ الفت کان محروم ھن طبقي کي عاشقانِ رسول جي ديني ماحول ۾

نيڪي جي دعوت ڏئي ڪري مسجد جو رستو ڏيکاريو. گونگن ٻوڙن جي لاءِ سائن لينگويج يعني اشارن جي زبان ۾ ۽ بلائنڊ (يعني نابينن) جي لاءِ بريل ۾ لٽريچر مهيا ڪيو پيو وڃي.

چوڻ واري سچ چيو تہ ”جواني بي وفا آهي پوڙهائپ وفادار آهي“ چوتہ جواني جلدي هليو ويندي آهي ۽ پوڙهائپ قبر جي ڪڏي تائين ڪڏ ويندي آهي. بزرگ حضرات جيڪڏهن گهر ۾ هجن تہ ڪڏهن جوان ٻار انهن کان تنگ ۽ ٻاهر هجن تہ پاڙي وارا ناراض. الحمد لله انهن بزرگ ماڻهن جي لاءِ ”بزرگن جو مدني چينل“ لائونچ ڪيو آهي جنهن ۾ انهن کي بقيہ زندگي سُکي گذارڻ جا قيمتي نسخا بيان ڪيا ويندا ۽ معاشري جو ناسور ”سس نُنهن جي جهيڙن“ جو حل بہ پيش ڪيو ويندو رهندو.

جيئن ڪوڙ جي عادت کي ڇڏڻ جي لاءِ سچ جي عادت بڻائڻي پوندي آهي ائين ئي بُرائي جو علاج ڀلائي ۾ آهي. امير اهلسنت دامت برکاتهم العاليہ معاشري کي ديني ۽ سماجي ترقي ۾ ڏسڻ چاهين ٿا يقيناً اها ئي اصل ۾ ڪاميابي آهي جيڪا دينِ اسلام سان جڙيل هجي. جڏهن خرابيون دور ٿينديون تہ بهتريون پاڻ ئي اچڻ شروع ٿي وينديون. اسان سيني کي بہ گهرجي تہ پاڻ، پنهنجي گهر ۽ معاشري کي سُٺو بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيون ۽ دعوتِ اسلامي جي طريقۂ ڪار جي مطابق نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايون.

امير اهلسنت دامت برکاتهم العاليہ جي ڏنل مقصد ”مونکي پنهنجي

۾ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ ڪان واضح ٿي رهيو آهي تہ معاشري جي اصلاح مان سندن توجهہ جو محور ڪو هڪ يا ڪجھ مُلڪَ نہ بلڪہ پوري دنيا آهي.

سڄي دنيا مان اٿڻ وارن فتنن کان امت کي بچائڻ جي لاءِ سندن سوچ جي مطابق دعوتِ اسلامي وقت تي ڪيئي شعبن جو آغاز ڪيو جيڪي اڄ امت جي بهترين رهنمائي ڪري رهيا آهن. ”مدني مذاڪري“ ۾ مختلف مُلڪن جي ٻارن کي ”هر صحابيءِ نبي جنتي جنتي“ جا نعرا لڳائيندي اوهان هن ڳالھ جو بخوبي اندازو لڳائي سگھو ٿا تہ سندن معاشري جي اصلاح جي لاءِ ٻارن جي تربيت کي ڪيتري قدر اهميت ڏين ٿا.

الله پاڪ بانيءِ دعوتِ اسلامي جي هن تنظيم کي هر روز، هر گھڙي، ترقي عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیِّن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## رضا جي خواب جي هڪ تعبير ”دعوتِ اسلامي“

### دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جا نگران

### مولانا محمد عمران عطاري

ڪيترائي سال اڳ جي ڳالھ آهي، هند جو هڪ وڏو عالمِ دين عالمي مدني مرڪز "فيضانِ مدينہ" (ڪراچي، پاڪستان) ۾ تشريف ڪٺي آيو، جڏهن ڊاڪٽيون چڙهي ڪري هن فيضانِ مدينہ جي وسيع صحن ۾ قدم رکيو ۽ عالمي مدني مرڪز جي عمارت ۽ عاشقانِ رسول جي ڪثرت ڏٺي، تہ ٿڌي آهہ ڀريائين ۽ فرمايائين: امام احمد

رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ دين جي خدمت جو جيڪو خواب ڏٺو هو، اڄ مان جاڳندي اکين سان ان جي تعبير ڏسي رهيو آهيان .

کیوں رضا آج گلی سونی ہے　　　اُٹھ مرے دُھوم مچانے والے

پيارا اسلامي ڀائرو: امامِ اهلسنت جو هي خواب ڇا هو؟ 15 جمادي الأُخريٰ 1330ھ جو هڪ اِستفتاء جي جواب ۾ اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہِ علیہ اهلسنت وجماعت جي بَقا ۽ ڪاميابي جي لاءِ ”10نڪات“ ارشاد فرمايا:

(1) عظيمُ الشان مدرسا کوليا وڃن، باقاعده تعليمون هجن. (2) طالبن کي وظيفه ڏنا وڃن ته جيئن اهي علمِ دين ڏانهن مائل ٿين. (3) استادن کي بهترين تنخواهون ڏنيون وڃن ته جيئن اهي علمِ دين پڙهائڻ ۾ گهٽي محنت ڪن. (4) طلبہ جي صلاحيتن کي جانچيو وڃي، جيڪو طالبِ علم جنهن ڪم ۾ وڌيڪ مناسب هجي، معقول وظيفو ڏئي ڪري ان ۾ لڳايو وڃي. ايئن انهن ۾ ڪجهه استاد بڻايا وڃن، ڪجهه واعظين، ڪجهه مُصنفين، ڪجهه مناظرين، پوءِ تصنيف ۽ مناظري ۾ ورهاست ڪئي وڃي، ڪو ڪهڙي فن ۾ ڪو ڪهڙي فن ۾. (5) انهن مان جيڪي تيار ٿيندا وڃن پگهارون ڏئي ڪري مُلڪ ۾ پکيڙيا وڃن ته تحريراً تقريراً واعظاً ۽ مناظرةً دين ۽ مذهب جي اشاعت ڪن. (6) حمايتِ (مذهب) ۽ بدمذهبن جي رد ۾ مُفيد ڪتابَ ۽ رسالا مُصنفن کي نذرانو ڏئي ڪري تصنيف ڪرايا وڃن. (7) تصنيف ٿيل ۽ نوان تصنيف ٿيندڙ رسالا عمده ۽ خوش خط ڇاپي ڪري مُلڪ ۾ مُفت ورهايا وڃن. (8) هر شهر ۾ اوهان جا سفير نگران هجن، جتي جنهن قِسم جي واعظ يا مناظر يا

تصنيف جي حاجت هجي اوهان کي اطلاع ڏين. اوهان دشمنن جي رد جي لاءِ پنهنجي فوج، ميگزين رسالا موڪليندا رهو. (9) جيڪي اسان ۾ ڪم جي قابل هجن ۽ پنهنجي معاش ۾ مشغول آهن وظيفا مُقرر ڪري فارغُ البال (يعني خوشحال) بڻايا وڃن، ۽ جنهن ڪم ۾ انهن کي مهارت هجي ان ڪم ۾ لڳايا وڃن. (10) اوهان جون مذهبي اخبارون (Religious Newspaper) شايع ٿين ۽ وقفي وقفي سان مذهب جي هر قِسم جي حمايت ۾ مضامين تمام مُلڪن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هفتيوار پهچائيندا رهو. (فتاوىٰ رضويہ، 599/29)

امام اهلسنت جي انهن ڏهن نڪتن تي مُشتمل خواب جي عملي تعبير جي لاءِ عُلماءِ حق اهلسنت ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي ۽ الحمد لله دعوتِ اسلامي بہ انهن نڪات کي عملي پوشاڪ پارائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اچو! انهن نڪات جي روشني ۾ دعوتِ اسلامي جي خدمتن جو مختصر جائزو وٺون ٿا.

(1) عظيمُ الشان مدرسا: علم دين جي ترويج جي خاطر ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي عالِمِ دين بڻائڻ جي لاءِ 1425 جامعةُ المدينہ ناظره ۽ حفظِ قرآن جي تعليم جي لاءِ 15048 مدرسةُ المدينہ جڏهن تہ ديني ۽ عصري تعليم جي لاءِ 163 دارُ المدينہ قائم ٿي چڪا آهن جن ۾ هزارين طلبا ۽ طالبات عالِمِ دين بڻجي چڪا ۽ هزارين بڻجي رهيا آهن. ائين ئي لکين ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون حفظ ۽ ناظره ڪري چڪا جڏهن تہ هزارين تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. صرف اهو ئي نہ بلڪ ننڍي عُمر ۾ علم کان محروم رهجي وڃڻ وارن جي لاءِ 68 هزار 97 کان وڌيڪ مدارس المدينہ (بالغان و بالغات) جڏهن تہ آن لائن

پڙهڻ جي خواهشمندن جي لاءِ وڏي پَيماني تي الگ سان آن لائن حفظ ۽ ناظره ۽ عالم ڪورس ڪرڻ جي سهولت جو اهتمام ڪيو ويو.

(2) طالبن ڪي وظيفا: جيستائين طالبن جي وظيفن جو معاملو آهي تہ رهائشي طالبن ڪي تہ معياري کاڌو پيتو ۽ بهترين رهائش ۽ طبي سهولتون حاصل آهن جڏهن تہ تخصص في الفقہ، تخصص في الدعوة، تخصص في الحديث، تخصص في اللغات ۽ ٻين تخصص ڪرڻ وارن ڪي باقاعده معقول وظيفو بہ پيش ڪيو ويندو آهي.

(3) استادن ڪي پگهارون: مُدرسين جي سهولت جو جائزو وٺون تہ جامعاتُ المدينہ ۽ مدارسُ المدينہ جي مُدرسين ۽ مُدرسات ڪي ماهوار معقول پگهار (Salary) پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ رمضانُ المبارڪ ۾ بونس ۽ مقرر ڪيل موڪلون نہ ڪرڻ جي صورت ۾ هر ڇهن مهينن کان بعد Leave Encashment بہ ڏنو ويندو آهي. صرف اهو ئي نہ ممتاز، بهتر ۽ مناسب درجہ بندي جي اعتبار سان سالانو اضافو (Increment) بہ ڪيو ويندو آهي ۽ طئي ڪيل مدت جي حساب سان گريڊ ۽ پگهار بہ وڌائي ويندي آهي. ۽ مجلس طبي علاج جي تحت مُدرسين ۽ مدرسات ڪي بہ مخصوص شرائط سان ميڊيڪل جي سهولت فراهم ڪئي ويندي آهي.

(4) **طالبن جي صلاحيتن جي جانچ ۽ ورهاست:** طالبن ڪي صلاحيت جي اعتبار سان ڪم ۾ لڳائڻ جي حوالي سان ڏسون تہ جامعاتُ

المدينہ کان فارغُ التحصيل ٿيڻ کان بعد جيڪڏهن ”مدني“[1] تدريس جو اهل ۽ خواهشمند هجي تہ تدريس ڪورس ڪرايو ويندو آهي ۽ مسندِ تدريس حوالي ڪئي ويندي آهي. مُفتي بڻجڻ جي صلاحيت ۽ خواهش رکڻ واري مدني کي تخصص في الفقہ ۽ ان کان بعد تدريب (يعني فتوائون لکڻ جي مشق) ڪرائي ويندي آهي پڻ تمام مراحل ۾ ڪاميابي کان بعد دارُالاِفتاء اهلسنت ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي. علمِ حديث سان چاھ رکڻ واري مدني کي تخصص في الحديث ڪرايو ويندو آهي. مدني عالمن کي انگريزي، عربي، چائنيز وغيره (مختلف زبانون) سيکاريون ويندي‌ون آهن ۽ ضرورت جي وقت تي مختلف مُلڪن ۾ تدريس ۽ نيڪي جي دعوت جي لاءِ موڪليو ويندو آهي. ان کان علاوه دعوتِ اسلامي ۾ تصنيف ۽ تاليف جو هڪ تحقيقي شعبو بنام ”المدينۃُالعلميہ“ (Islamic Research Centre) بہ موجود آهي، تحريري ذوق ۽ صلاحيت رکڻ وارن کي هن شعبي ۾ بہ مقرر ڪيو ويندو آهي.

**(5) مُلڪ ۽ بيرونِ مُلڪ مُبلغين جي فراهمي:** الحمدللّٰه مدني عالمن کي صلاحيت ۽ ضرورت جي اعتبار سان پاڪستان ۽ بيرونِ مُلڪ موڪليو ويندو آهي جتي اهي سنتن ڀري بيانن ۽ انفرادي ڪوشش وغيره جي ذريعي دين جي خدمت جي سعادت ماڻيندا آهن، ان ڪري انهن کي مختلف ڪورس بہ ڪرايا ويندا آهن.

(1).. جامعۃُ المدينہ کان فارغُ التحصيل ٿيڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ”مدني“ ۽ اسلامي ڀينرن کي ”مَدَنِيّہ“ چيو ويندو آهي.

(6) **ڪتابَ تحرير ڪرائڻ:** الحمد للہ ان ڪم جي لاءِ دعوت اسلامي جو شعبو ”المدينۃُ العلميہ“ (Islamic Research Centre) “ مصروفِ عمل آهي. هن شعبي جون ٻہ برانچون ڪراچي ۾ ۽ هڪ برانچ فيصل آباد ۾ قائم آهي. جنهن ۾ مجموعي طور تي 150 ڪان وڌيڪ مدني عُلماءِ ڪرام تصنيف ۽ تاليف، ۽ ترجمو ۽ تخريج وغيره ڪري رهيا آهن. انهن عالمن کي معقول پگهار، سالانو بونس ۽ ڇهہ ماهي بنياد تي Leave Encashment پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. هن وقت انهن مدني عالمن جي ڪوشش سان تقريباً 934 ڪتابَ ۽ رسالا دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبۃُ المدينہ تان خوبصورت انداز ۾ ڇاپجي ڪري منظرِ عام تي اچي چڪا آهن جڏهن تہ 850 کان وڌيڪ اهي ڪتابَ ۽ رسالا آهن جيڪي ڪتابي صورت ۾ شايع ناهن ٿيا بلڪہ صرف PDF جي صورت ۾ دعوت اسلامي جي ويب سائٽ تي آن لائن اپ لوڊ ٿي چڪا آهن. ان ڪان علاوه دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو ” شعبہءِ تراجم“ بہ آهي جنهن جي تحت المدينۃُ العلميہ ۽ اميرِ اهلسنت حضرت علامہ محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتابَن ۽ رسالن جو ماهرين جي نگراني ۾ دنيا جي 37 زبانن ۾ ترجمو ڪرايو ويندو آهي.

(7) ڪتابن جي مُفت فراهمي: جيستائين ڪتابن ۽ رسالن جو عاشقانِ رسول تائين مُفت پهچائڻ جو تعلق آهي تہ الحمد للہ هن عظيم ڪم جي لاءِ ”مجلس تقسيمِ رسائل“ قائم ڪئي وئي آهي جيڪا عاشقانِ رسول جي لنگرِ رسائل جي مد ۾ ڏنل چندي کي استعمال ڪري هزارين ڪتابَ ۽ رسالا عاشقانِ رسول تائين

پهچائيندي آهي. ۽ هن شعبي جي تحت ڪثير عُلماءِ اهلسنت ۽ بين شخصيات ڪي بہ ماهوار بنياد تي ڪتابَ ۽ رسالا تحفي طور پيش ڪيا ويندا آهن. ان ڪان علاوه دعوتِ اسلامي جي مجلس آئي ٽي جي تحت مڪتبةُ المدينہ جي مطبوعہ ڪتب و رسائل دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تي اپ لوڊ ڪيا ويندا آهن، جتان انهن ڪي مُفت ڈائون لوڊ ۽ پرنٽ آئوٽ بہ ڪري سگهجي ٿو.

(8) **شهرن ۾ نگرانن جو تقرر:** شهر شهر ۾ نگران جو تقرر ڪرڻ جي مدني گُل تي عمل بہ ڪيو ويو آهي. ان جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو تنظيمي سيٽ اپ نهايت ئي منظم آهي. دعوتِ اسلامي جو ديني ڪم مختلف سطح تي مختلف انداز سان ڪيئي شعبن ۾ ٿي رهيو آهي. نگران مقرر آهن ۽ باقاعده مشاورت سان ديني ڪم ڪيو پيو وڃي.

اهڙي طرح اسلامي ڀينرن ۾ بہ ديني ڪم منظم ڪرڻ جي لاءِ مُشتمل "عالمي مجلس مشاورت" جي تحت انهن جو بہ تنظيمي نيٽ ورڪ قائم آهي ۽ اسلامي ڀينرون شرعي پردي جي پابندي سان ديني ڪم ڪنديون آهن. دنيا ڀر ۾ دعوتِ اسلامي جي هن سيٽ اپ کي مضبوط رکڻ جي لاءِ "مرڪزي مجلسِ شوريٰ" قائم آهي. ائين ئي بنا مبالغي جي هزارين ذميدارَ پنهنجي پنهنجي سطح تي ديني ڪمن جي لاءِ ڪوششون فرمائيندا ۽ مسلڪِ اهلسنت وجماعت جي زبردست ترويج ۽ اشاعت ڪندا آهن.

(9) **ديني شعبن ۾ تقرر:** الحمد لله دعوتِ اسلامي جي تحت باصلاحيت مدني عالمن کي نيڪي جي دعوت سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جي عظيم ڪم ۾ مصروفِ عمل رکڻ جي لاءِ مختلف شعبن ۾ تقرري جو سلسلو بہ جاري آهي.

(10) **پرنٽ ميڊيا جو استعمال:** پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جو اسان جي زندگي ۾ جيڪو ڪردار آهي اهو ڪنهن کان لِڪيل ناهي. الحمد لله دعوتِ اسلامي پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ٻنهي جي ذريعي فڪرِ رضا کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن تہ پرنٽ ميڊيا جي ذريعي ترويج ۽ اشاعتِ اهلسنت جي لاءِ جتي دعوتِ اسلامي مڪتبةُ المدينہ ڪيئي سال پهريان قائم ڪيو اُتي جنوري 2017ء بمطابق ربيعُ الثاني 1438 هجري ۾ ماهوار فيضانِ مدينہ جو بہ آغاز ڪيو جيڪو پنهنجي مختلف دلچسپ ۽ مفيد مضمونن سان مزين ۽ ڪشش ۽ خوبصورتي جي ڪري اهلسنت جي ماڻهن ۾ ڪافي مقبول ٿيو، الحمد لله هي ميگزين 7 زبانن اردو، انگلش، عربي، هندي، گجراتي، بنگالي ۽ سنڌي ۾ جاري ٿيندو آهي. ان کان علاوه مجلس آئي ٽي جي تحت مختلف مدني عالم سڳورا ڪيئي موضوعن تي مضامين (Articles) لکي ڪري هفتيوار يا ماهوار بنياد تي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تي اپ لوڊ ڪندا آهن جتان سڄي دنيا جا عاشقانِ رسول انهن مُستنَد (Authentic) ۽ مُفيد مضامين کان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

الله پاڪ دعوتِ اسلامي کي هر روز، هر گهڙي، ترقي عطا فرمائي ۽ تعليماتِ رضا کي اڃان وڌيڪ رائج ۽ عام ڪرڻ جي

توفيق بخشي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## اسلام قبول ڪرڻ وارن جي لاءِ دعوتِ اسلامي جا اقدامات

### آصف اقبال مدني

اسلام آفاقي دين آهي، هي رحمتن وارو، برڪتن وارو، اعليٰ اخلاقي قدرتن وارو، بهترين معاشي و معاشرتي اصولن وارو، آسان احڪامن وارو، مظلومن کي انصاف ڏيڻ وارو، جبر و ظلم کان نجات ڏيڻ وارو، طبقاتي ورهاست ختم ڪرڻ وارو، غريبي ۽ اميري جو فرق مٽائڻ وارو، برابري جو درس ڏيڻ وارو ۽ بيشمار خوبين وارو دين آهي. هيءَ ئي وجهه آهي جو اسلامي تعليمات کان متاثر ٿي ڪري لکين ڪروڙين غير مُسلمن اسلام قبول ڪيو ۽ اَمن ڏيڻ واري مقدس دين جي پناهه واري دامن ۾ اچي ويا.

غير مسلمن کي دامنِ اسلام سان وابسته ڪرڻ جو سِهرو هر دور ۾ مخلص مُبلغين جي مٿي تي رهيو آهي، جن تَن مَن ڌن جي بازي لڳائي ڪري هي پيغام عام ڪيو، رات ڏينهن هن جي تبليغ ۾ گذاريا، ڪنهن جهاد ڪري، ڪنهن هجرت ڪري، ڪنهن قرآن جون آيتون ٻڌائي ڪري، ڪنهن رحمتِ عالَم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جا اعليٰ اوصاف ۽ نبوي تعليمات پهچائي ڪري، ڪنهن حديث ۽ فقہ ۽ تصوف تي ڪتابَ لکي ڪري ۽ ڪنهن مسجدن ۽ مدرسن جي صورت ۾ اسلامي مرڪزَ قائم ڪري هن باغ کي پاڻي ڏنو ۽ غير مُسلمن تائين حڪمت ۽ تدبير ۽ چڱي نصيحت سان دين جي دعوت

پهچائي ۽ جنهن کي الله پاڪ چاهيو انهن جي ذريعي ايمان جي دولت سان مالا مال فرمائي ڇڏيو.

هن دور ۾ قرآن ۽ سنت جو پيغام عام ڪرڻ واري سيني کان وڏي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي بہ غير مُسلمن کي نهايت ئي سهڻي انداز ۽ حڪمت ڀري طريقي سان اسلام جي دعوت ڏيڻ ۾ اڳيان اڳيان آهي. بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جا تربيت يافتہ مُبلغين نہ صرف زباني بلڪ پنهنجي ڪردار ۽ عمل سان بہ تبليغ ڪري رهيا آهن. افريقہ جي هڪ مُلڪ ملاوي ۾ دعوتِ اسلامي جي مُبلغ جي ذريعي هاڻي تائين 4 هزار کان وڌيڪ ماڻهو اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي چڪا آهن، نيو مُسلم ڪورس جي ذريعي انهن جي ديني تربيت جو اهتمام ڪيو پيو وڃي بلڪ مدارسُ المدينہ جي ذريعي انهن کي قرآنِ پاڪ پڙهڻ بہ سيکاريو پيو وڃي گذريل سال ئي نگران شوريٰ مولانا حاجي محمد عمران عطاري جي ملاوي سفر ۾ هڪ ئي اجتماع ۾ 1100 کان وڌيڪ ماڻهن ڪلمو پڙهي ڪري دينِ اسلام قبول ڪيو. اهڙيءَ طرح سڄي دنيا ۾ اسلام جو پيغام پهچائڻ ۾ تمام گهڻيون ڪوششون فرمائي رهيا آهن، عُلماءِ ڪرام هجن يا ٻيا مُبلغين تمام ئي غير مُسلمن کي دائرهءِ اسلام ۾ داخل ڪرڻ جي لاءِ خوب ڪوششون ڪري رهيا آهن. هر ايندڙ ڏينهن هي خوشخبريون ملنديون رهنديون آهن تہ فلاڻي مُلڪ ۾ ڪو دامنِ اسلام سان وابستہ ٿي ويو يا فلاڻي اسلام قبول ڪري ورتو ۽ پنهنجي باطل مذهب کان توبهہ ڪري ورتي. ڪڏهن ڪڏهن سوين

ماڻهن گڏجي ڪلمو پڙهي ڪري دينِ حق کي اپنائي ورتو، انهن ۾ ڪجھ ڪرسچن مذهبي پيشوا به شامل آهن ايستائين جو انهن جي هڪ مذهبي پيشوا اسلام قبول ڪرڻ کان بعد درسِ نظامي (عالم ڪورس) به ڪري ورتو. فَالْحمدُ لِلّٰہِ ربِّ الْعٰلَمِین!

نَون مسلمان ٿيڻ وارن جي ديني اخلاقي ۽ شرعي تربيت ۽ مشاورت (Counselling) جي لاءِ دعوتِ اسلامي ۾ مڪمل نظام موجود آهي. هن ديني تنظيم جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران حضرت مولانا حاجي محمد عمران عطاري پنهنجي ”فرياد“ نالي مضمون ۾ لکن ٿا: هاڻي تائين جيترن به غير مُسلمن اسلام قبول ڪيو الله پاڪ انهن جو ۽ اسان سڀني جو ايمان سلامت رکي، هي ماڻهو اسلام قبول ڪرڻ کان بعد آزمائشن ۾ مبتلا ٿي يا شيطاني وسوسن ۾ مبتلا ٿي ٻيهر ڦري نه وڃن، ان ڪري دعوتِ اسلامي باقاعده ديني تعليم جو اهتمام ڪيو آهي، دعوتِ اسلامي جو هڪ پورو شعبو ”فيضانِ اسلام“ ان تي ڪم ڪري ٿو، پاڪستان کان علاوه هن شعبي جو نالو ”Welcome to Islam“ آهي، نو مُسلمين(New Muslims) کي باقاعده دعوت ڏئي ڪري ۽ انهن کان وقت وٺي ڪري انهن کي ڪورس ڪرايو ويندو آهي جنهن ۾ اسلام جون ضروري ۽ بنيادي ڳالهيون انهن کي ٻڌايون ۽ سيکاريون وينديون آهن، هن دوران انهن کي Hostel Facility ڏئي ڪري انهن جي لاءِ مُفت رهائش ۽ کاڌي پيتي جو مُفت بندوبست ڪيو ويندو آهي. ۽ هي نهايت ئي اهم ڪم آهي جيڪو دعوتِ اسلامي ڪري رهي آهي، ڇو جو توهان به ٻڌندا رهندا هوندا

تہ فلاڻي اسلام قبول ڪيو ۽ فلاڻي اسلام قبول ڪيو پر ان کان بعد ڇا ٿيو؟ هاڻي اسلام قبول ڪرڻ کان بعد الله نہ ڪري جيڪڏهن اهو پنهنجي پهرين باطل مذهب کي اپنائي وٺي تہ پوءِ ان تي مُرتد جا احڪام لاڳو ٿي ويندا آهن، تنهنڪري الله جي رحمت سان دعوتِ اسلامي جا ذميداران هن حوالي سان نهايت ئي حساس (Sensitive) آهن. (ماہنامہ فيضان مدينہ، ستمبر2022ء)

**اسلام قبول ڪرڻ وارن جي لاءِ عقائد و تعليماتِ دين جو اهتمام:**

الحمد لله دعوتِ اسلامي جي ماحول ۾ نَون مسلمانن کي قبولِ اسلام کان بعد علمِ دين جي حوالي سان بي سهارو ناهي ڇڏيو ويندو بلڪ مُختلف ديني ڪورسز جي ذريعي عقائد ۽ علمِ دين سان باقاعده روشناس ڪرايو ويندو آهي، انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي ”نيو مُسلم ڪورس“ آهي، هي ڪورس 7 ڏينهن جو بہ هوندو آهي ۽ 72 ڏينهن جو بہ، ان جو روزانو دورانيو 6 ڪلاڪ آهي، ان ۾ وضو ۽ طهارت، قاعدو، نماز جا اذڪار، نماز جي عملي طريقن، نماز جي احڪامن، عمده ديني خصلتن، عبادت ۽ اسلامي عقائد جي تعليم ڏني ويندي آهي.

ايمانيات ۾ خاص ڪري ايمان، شرڪ ۽ ڪفر جي تعريفات ۽ ايمان و ڪفر ۾ فرق جي تفصيل تي روشني وڌي ويندي آهي.

اسلامي عقائد ۾ خاص ڪري الله پاڪ جي ذات تي ايمان ۽ ملائڪن، آسماني ڪتابن، انبيا و رُسل، قيامت، تقدير ۽ مرڻ کان بعد اٿاريو وڃڻ تي ايمان جي تفصيلات ٻڌايون وينديون آهن گڏوگڏ

جنات، عذابِ قبر، حساب و ڪتاب، جنت و دوزخ ۽ برزخ جي باري ۾ اسلامي عقائد جي آگاهي ڏني ويندي آهي.

طهارت ۾ خاص ڪري وضو، غسل جو طريقو ۽ ضروري مسائل، تيمم، ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو طريقو، مستعمل پاڻي جا اهم مسائل، استنجا جو طريقو ۽ حيض و نفاس جي ديني معلومات نصاب ۾ شامل آهن.

عبادات ۾ خاص ڪري نماز، روزو، حج، زڪوات وغيره جو بيان، ڀهريان چار ڪلما، ايمانِ مفصل و ايمانِ مجمل ۽ سورتِ اخلاص ترجمي سميت ياد ڪرائڻ وغيره نصاب ۾ شامل آهي.

الحمد لله نَون مسلمان اسلامي ڀائرن کي هن تعليمي وابستگي جا ڪوڙ ديني ۽ دنياوي فائدن سان گڏوگڏ هڪ زبردست فائدو هي بہ حاصل ٿيندو آهي تہ اهي مستقل طور تي ديني ماحول ۾ ئي لطف ماڻيندا آهن اهوئي آهي جو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول جي ذريعي اسلام قبول ڪرڻ جي سعادت ماڻڻ وارا ڏگهي عرصي کان ديني ماحول سان وابستہ رهندي علم ۽ عمل ۾ ترقي ۽ دين جي واڪاڻ ۾ مصروف آهن. اچو! ان جا ڪجھ مثال ملاحظہ ڪيون:

2008ء ۾ اسلام قبول ڪرڻ واري محمد حامد رضا جامعۃُ المدينہ ۾ داخلا وٺي ڪري آڪٽوبر 2022ء ۾ عالم ڪورس مڪمل ڪيو ۽ تحرير لکڻ وقت تدريس يعني عالم ڪورس ۾ پڙهائڻ جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن.

2013 ۾ اسلام قبول ڪرڻ واري عبدُالله 2022 ۾ 7 ڏينهن جو فيضانِ نماز ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، 2023ء ۾ هڪ مهيني جو اعتڪاف بہ ڪيو ۽ آخري معلومات جي مطابق امامت ڪورس ڪري رهيا هئا.

2022ء ۾ اسلام قبول ڪرڻ واري اسلامي ڀاءُ جنهن جو نالو محمد بلال رکيو ويو، ڊسمبر 2022ء ۾ 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس ڪيائين، 7 ڏينهن فيضانِ نماز ڪورس ڪيو، جولاءِ 2023ء ۾ هڪ مهيني جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي ۽ آخري معلومات جي مطابق 7 مهينن جو قاعده و ناظره ڪورس ڪري رهيا هئا.

2012ء ۾ اسلام قبول ڪرڻ واري هڪ اسلامي ڀاءُ جو نالو محمد فاروق رکيو ويو، انهن جنوري 2023ء ۾ 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هي ڪورواه شهر، ضلع بدين، سنڌ ۾ نيو مُسلم آبادي جو ذميدار بڻجي چڪو آهي.

2016ء ۾ اسلام قبول ڪرڻ واري محمد اسماعيل جنوري 2023ء ۾ 63 ڏينهن جو مدني تربيتي ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ انهيءَ سال هڪ مهيني جو اعتڪاف بہ ڪيو، هي بہ ڪورواه شهر، ضلع بدين، سنڌ ۾ نيو مُسلم آبادي جو ذميدار آهي.

هي ڪجهہ مثال هن ڳالهہ کي واضح ڪن ٿا تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ غير مُسلمن کي اسلام سان وابستہ ڪرڻ کان بعد انهن جي ديني تعمير تي خصوصي توجهہ ڏني ويندي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو: هي تمام وڏو ڪم آهي جو غير مُسلم کي اسلام جي دعوت ڏني وڃي، ان کي ڪلمو پڙهايو وڃي ۽ ان جو ايمان تي خاتمو ٿي وڃي. سيدي شيخ طريقت، امير هلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪيئي ڀيرا اهڙو تذڪرو فرمائي چڪا ته انسانن جي سيني کان وڏي خدمت انهن کي مسلمان بڻائڻ آهي ته جيئن اهي دنيا سان گڏوگڏ آخرت ۾ به سرخرو ٿي سگهن. جيتوڻيڪ اَمن جي حالت هوندي يا جنگ جو موقعو هوندو هو الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڀرپور ترجيح هيءَ ئي هوندي هئي ته غير مُسلم ايمان قبول ڪن، دائرهءِ اسلام ۾ داخل ٿي وڃن. غزوهءِ خيبر جي موقعي تي جڏهن رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عليُّ المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْه کي جهنڊو عطا فرمايو ته انهن عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا مان ڪافرن سان ان وقت تائين قتال ڪيان جيستائين اهي اسان جي مثل (مسلمان) نه ٿي وڃن؟ ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي فرمايو: "نرمي سان وڃ ايستائين جو تون انهن جي ميدان ۾ لهي وڃين، پوءِ انهن کي اسلام جي دعوت ڏيو ۽ الله پاڪ جي طرفان جيڪي حقوق انهن تي لاڳو ٿين ٿا انهن جي باري ۾ انهن کي آگاهه ڪيو، خدا جو قسم! جيڪڏهن الله پاڪ توهان جي سبب ڪنهن هڪ کي به هدايت ڏني ته هي توهان جي لاءِ ڳاڙهن اٺن کان بهتر آهي. يعني مقصد انهن کي ختم ڪرڻ نه بلڪ انهن جي ڀلائي ۽ آخرت ۾ ڪاميابي جي لاءِ انهن جي هدايت آهي."

(مسلم، ص1311، حديث:2406-بخاری، 85/3، حديث:5210)

صحيح بخاري شريف جي شرح فيوضُ الباري، جلد 12، صفحو 371 تي هن حوالي سان جيڪا تفصيل آهي ان جو خلاصو هي آهي: جمهور فقهاءِ اسلام جو مذهب هي آهي ته ڪافرن سان جهاد ڪرڻ کان پهريان انهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ واجب آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي پهريان ئي اسلام جي دعوت ڏني وئي آهي ته جنگ کان پهريان ٻيهر اسلام جي دعوت ڏيڻ مستحب آهي. ملڪُ العلماء علامه ڪاشاني رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا ته ڪافرن کي پهريان اسلام جي دعوت نه پهتي هجي ته مسلمانن تي لازم آهي ته اهي زباني اسلام جي دعوت ڏين. الله پاڪ فرمائي ٿو: ﴿اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَجَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ؕ﴾ ترجموڪنزالعرفان: پنهنجي ربّ جي رستي جي طرف حڪمت ۽ چڱي نصيحت سان سڏ ۽ انهن سان انهيءَ طريقي سان مباحثو ڪر جيڪو سڀن کان سهڻو هجي (سيپارو 14، النحل: 125) يعني جيڪڏهن انهن جا ڪجهه شڪ شبها هجن ته انهن کي دور ڪيو ته جيئن حجت تمام ٿي وڃي ۽ جهاد جو مقصد ڪافرن کي قتل ڪرڻ نه آهي بلڪ جهاد اسلام جي دعوت جي بنا تي فرض آهي. جيڪڏهن تبليغ سان اهي اسلام قبول ڪن ته ان کان بهتر ٻيو ڇا آهي؟ بحث هيٺ آندل حديث ۾ حضور نبي پاڪ صلی اللہ علیہ والہ وسلم جو هي ارشاد ته ”جيڪڏهن توهان جي ذريعي هڪ شخص کي هدايت ملي وڃي اهو توهان جي لاءِ ڳاڙهن اٺن کان وڌيڪ بهتر آهي.“ انهيءَ امر جو آئينه دار آهي.

الله پاڪ جي بارگاه ۾ دعا آهي ته دعوتِ اسلامي جي ذريعي

اسلام جو فيضان جاري رهي ۽ الله كريم كين هميشگي عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# اميرِاهلِ سنّت ۽ سيد سڳورن جي تعظيم

# يومِ دعوتِ اسلامي جو جشن آهي گهر گهر ۾

(23 محرمُ الحرام 1443ھ 1.9.2021)

از: شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

| |
|---|
| یومِ دعوتِ اسلامی کا جشن ہے گھر گھر<br>مصطفٰے کے دیوانے، کیوں نہ جھومیں خُوش ہو کر |
| ہم کو دعوتِ اسلامی کا ہے دیا ماحول<br>تیرا شُکر ادا کیوں کر، ہو خُدائے بَحر و بَر! |
| آؤ دعوتِ اسلامی پلائے گی پیاسو!<br>اُلفتِ محمد کے، خوب جام بھر بھر کر |
| سیکھو آ کے قراٰں تم اور نَماز پڑھنا تم<br>آ کے دعوتِ اسلامی میں پاؤ رب کا ڈر |
| حج کا جذبہ ملتا ہے، ذَوقِ طیبہ بڑھتا ہے<br>لے لو دعوتِ اسلامی میں آ کے یہ گوہر |

| |
|---|
| واسِطہ تجھے مولیٰ! سبز سبز گنبد کا<br>آل اور صَحابہ کا، عشق تو عنایَت کر |
| جس کو دعوتِ اسلامی خُدا نے دی عطّارؔ<br>خُوش نصیبی ہے اُس کی ہے بڑا وہ بَخْتاوَر |

